# انسپيڪٽر تعليم

اڳوڻي رياست خيرپور ميرس



# محمد مٺل

ولديت : سلطان علي خان بن نبي آندو بن الهداد بن عبدالغفور،

اولاد: 4 پٽ ”اختر حسين، نياز حسين، منظور حسين،
مصطفيٰ حسين ۽ 5 نياڻيون“.

ذات: ڪلهوڙو

ويناليٽپ: ڳوٺ ٽاڳڙو پوسٽ آفيس رپڙي، تعلقہ گمبٽ
ضلع خيرپور، سنڌ

همعصر : استاد صاحب ڏنو سومرو، استاد ارباب علي سومرو،
استاد حبيب الله مرڪنڊ، استاد الله بخش لاڙڪ

تعليم فائينل (شڪارپور)

پيشو: اٽينڊنس انسپيڪٽر

سن پيدائش: 1921_11_01

سن وفات: 1990_09_20

بمطابق : خميس 29 صفر المظفر 1411ھ

حليو: رنگ پورو، جسم، پورو پنو قد ننڍو.


440-21-105500



الله تعاليٰ جل شانه انسان کي املهہ بڻايو آهي، ڪي تہ اهڙا سڳنڌ ڀريا ماڻهو پيدا ڪيائين جن جي خوشبو موت کان پوءِ بہ ماڻهن کي معطر ڪري ڇڏيو. اهڙن جوانن کي موت بہ ماري نہ سگهيو جيئن شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ چيو آهي تہ :

"هونداسي حيات موت جنهين نہ ماريو"

الله تعاليٰ حضرت انسان کي ڪيترن ئي خوبين سان نوازيو آهي. جيئن صبر ۾ حضرت ايوب عليه السلام، عدل و انصاف ۾ حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنہ. شجاعت ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهہ کي، حڪمت ۾ لقمان حڪيم کي، سخاوت ۾ حاتم طائي کي، اهڙي طرح الله تعاليٰ جل شانہ مختلف انسانن کي مختلف خوبين سان نوازيو آهي، جن ڏينهن رات محنت ڪري پنهنجي جيءَ کي جوکي ۾ وجهي بہ ٻين جي مدد ڪئي آهي، پنهنجي ننڊ ڦٽائي بہ ٻين کي آرام سان سمهاريو آهي، سلطان ناصر الدين ۽ اورنگزيب عالمگير وانگر عهدي تي رهي ڪري بہ حلال جي ڪمائي کاڌي آهي.

اهڙن جوان مردن، بهادرن، همٿ ڀرين ۽ بي لوث انسانن مان استاد محمد مٺل ڪلهوڙو رحہ بہ هڪ هيو.

بقاالله کي آهي بقا ٻي ڇيز کي ناهي،

ڇوي ٿو مصطفيٰ کولي تہ دنيا پل پهر آهي.

انسپيڪٽر محمد مٺل خان ڪلهوڙو جيڪو گهڻو استاد جي نالي سان مشهور آهي، پهرين نومبر 1921ع تي خيرپور ضلعي جي ننڍڙي ڳوٺ ٽاڳڙي ۾ تولد ٿيو. هن ڇوڏهينءَ جي چنڊ جڏهن وڏيري سلطان علي خان جي گهر ۾ جنم ورتو هوندو تہ ان وقت خوشيءَ جو ڇا سمان هوندو. ظاهر آهي، اهو ڏينهن خوشين سان ڀريل هوندو ۽ هر ماڻهوءَ وڏيري کي مبارڪون ڏنيون هونديون ۽ هن نينگر جي حق ۾ دعائون گهريون هونديون. سندس جيجل ماءُ اها دعا ضرور گهري هوندي تہ الله منهنجي ٻچڙي کي پنهنجي پناهہ ۾ رکندو، پٽن پوٽن وارو ڪندو عزت آبرو ڏيندو ۽ آيڙو ڀيڙو ڪندو. جيڪا دعا دربار خدا وندي ۾ اگهي وئي، پر پوءِ بہ :

دنيا جي بي بقا گل کي نہ باغن ۾ بقا هوندو،

نہ هر ڪو هن زماني ۾ سدا جلوي نما هوندو.

تعليم

محمد مٺل خان ڪلهوڙي پنهنجي بنيادي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول گل محمد جاگيراڻي مان استاد امام بخش لاڙڪ (وينل ڳوٺ محمد لاڙڪ) وٽان حاصل ڪئي، منهنجي دوست امان الله سروهي جو والد صاحب چاچو محمد صفر سروهي (علي بخش سروهي) جيڪو وڌيڪ تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو، هيئنئن ٻڌائي ٿو تہ ادو مٺل ۽ مان استاد امام بخش لاڙڪ وٽ گل محمد جاگيراڻي پرائمري اسڪول ۾ پڙهندا هياسين، مان هن کان وڏو هيم، هڪ ڏينهن اسان ٻئي دلو ڀرڻ وياسين، دلو ڀري ان کي ڪنن مان ڪٽي هلياسين تہ دلو اسان کان ڪري ڀڃي پيو. واپسي تي جڏهن استاد کي ٻڌايو سون تہ استاد اسان کي ڏاڍي مار ڏني، جنهن کان پوءِ سڄي عمر اسڪول نہ ويم ۽ ادو مٺل الله جنت نصيب ڪريس وڏي مرتبي تي پهتو.

محمد مٺل خان ڪلهوڙي پرائمري تعليم گل محمد جاگيراڻي مان حاصل ڪرڻ کانپوءِ وڌيڪ تعليم استاد امير بخش آريجو وٽان بهارو ديرو مان حاصل ڪري 16 جنوري 1937ع تي اچي کهڙا شهر ۾ ستين درجي ۾ استاد جان محمد قريشي وٽ داخلا ورتي، پوءِ 19 سيپٽمبر 1937ع تي تياري ڪلاس مان

فائينل جو امتحان ڏيڻ لاءِ شڪارپور روانو ٿيو ۽ اتان فائينل جو امتحان پاس ڪيائين. پاڻ هوشيار ۽ محنتي هجڻ ڪري استاد جو پيشو پسند ڪيائون ۽ اڳتي هلي بهترين استاد ثابت ٿيا.

### ملهه

الحاج استاد صاحبڏنو سومرو (نورو جو ڳوٺ) ننڍپڻ کان وٺي دوست رهيو هين. جيڪو ننڍپڻ جون ڳالهيون ٻڌائي ٿو تہ مان ۽ ادو منل ننڍي هوندي پاڻ ۾ ملهه وڙهندا هياسين. پاڻ ملهه جا شوقين هوندا هيا. ننڍپڻ ۾ دوستن سان سندرو ساهيندا هيا ۽ وڏي هوندي ڏسڻ جي حد تائين شوق رکندا هيا.

چاچو محمد صفر سروهي ٻڌائي ٿو تہ ادو محمد منل ۽ مان پڑهائي واري دؤر ۾ اڪثر ملهه وڙهندا هياسون. ان مان صاف ظاهر ٿيو تہ محمد منل خان ڪلهوڙو پڑهڻ واري دؤر ۾ هڪ جيڏن تہ ڇا پر پاڻ کان وڏن سان بہ ملهه وڙهندو هيو. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ ننڍپڻ کان ئي جاننا ۽ طاقتور هيا.

### والي بال

استاد محمد صادق مهيسر (رفيق مهيسر) ٻڌايو تہ استاد محمد منل جڏهن احمدپور ۾ هيڊ ماستر هيو تڏهن مان ۽ استاد مريد حسين ملاح (صدر جي پٽيون) سندس نائب هياسون. سندس ۾ ايڏو تہ رعب هوندو هيو جو اسان هرويرو ڳالهائڻ جي همٿ نہ ڪندا هياسيون پر اسڪول ٽائيم ڪانپوءِ تمام مهربان هوندا هيا ايتري تائين جو شام جو صدر جي پٽئين هلي والي بال راند گڏ کيڏائيندا هيا. ان مان معلوم ٿيو تہ استاد محمد منل خان ڪلهوڙو والي بال جو رانديگر ۽ شوقين هيو.

### استاد جي عظمت

استاد لال محمد لاڙڪ( احمدپور ٻڌائي ٿو تہ ) استاد محمد منل اسان وٽ احمد پور شهر ۾ نئون نئون هيڊ ماستر ( هہ م) ٿي آيو هڪ دفعي پاڻ ٻي ماڙ تي ڪلاس کي پڑهائي رهيا هيا تہ ايتري ۾ هڪ ماڻهو آيو ۽ استاد کي چيائين تہ وڏيرو ارباب خان سنديلو (خدا بخش سنديلي جو پيءُ) فلاڻي ختابي کي هيٺ سڏي ٿو استاد چيس تہ وڏيري کي چئہ تہ في الحال اسڪول ڪليل اهي ۽ پڑهائي هلي رهي آهي. اسڪول جو وقت ختم ٿيڻ ڪانپوءِ اچي چوڪري کي وٺي وڃجو. وڏيرو ارباب سنديلو علائقي جو وڏو زميندار هيو تنهن اها ڳالهہ ڏاڍي بري پانئي ۽ پنهنجي بي عزتي سمجهائين سو ڪاوڙ ۾ متي ڪلاس ۾ اڙهو آيو جنهن تي استاد پڇيس تہ تون ڪنهن جي اجازت سان ڪلاس ۾ آيو آهين ۽ ڪير آهين. تنهن تي وڏيري کي ڏاڍي منيان لڳي. باهہ ٿي چيائينس تہ توکي ماستر خبر ناهي تہ مان وڏيرو ارباب خان سنديلو آهيان. بس وڏيري جو ايترو چوڻ ۽ استاد سائين لٺ کڻي اچي جو ڪنيائينس جهٽڪ اٺ پٽڻ تي پيو ڪنجي. وڏيري سان جيڪي ماڻهو گڏ هيا تن بہ وڏيري جي بي بسي ڏسي پويان پير ڪيا. باقي وڏيرو پويان پير ڪري پڇڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. پوءِ احمد پور تہ ڇا، پر پوري علائقي ۾ استادن جي عزت ۽ مان مٿانهون ٿي ويو. وڏيرو هر وقت وڙهڻ جا سانپاها ڪندو رهيو. پر جرئت نہ ٿيس جو استاد جي وارکي ونگو ڪري سگهي.

تنهن وقت استاد پنهنجو معيار رکندا هيا جو سندن عزت ۽ احترام مٿاهين درجي تي هوندو هين. استاد علائقي جو واحد ماڻهو هوندو هيو جنهن کي تمام وڏي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو ۽ مرشد جيترو احترام ڪيو ويندو هو. استاد معاشري جي هر برائيءَ خلاف ڪاتيون ڪهاڙا کڻي بيهندو هو ماڻهو پنهنجا فيصلا ڦڙا استاد کان ئي اچي ڪرائيندا هيا ڇو جو استاد سٺو منصف، مهذب، با ادب، پڙهيو لکيو، شان و شوڪت وارو معياري ماڻهو ليکيو ويندو هو.

استاد مير محمد پنهور (ريڙهي) 26-11-1999 جمع ڏينهن جناح اسپتال ڪراچي ۾ ( جتي سندس پٽ استاد ظهور احمد، گلي جي تڪليف سبب داخل هيو) ٻڌايو تہ اوائل ۾ استاد جي وڏن عزت هوندي هئي ۽ هر ماڻهو وڏو مان مرتبو ڏيندو هو هيئنر استاد پنهنجي عزت پاڻ وڃائي آهي، اڄ ڪلهہ استاد ۽ ختابي گڏجي VCR پيا ڏسن هڪٻئي سان يوڳ پيا هڻن ۽ ڪڪڙ پيا ويڙهائن پوءِ استاد ۽ ختابي ۾ ڪهڙو امتياز رهيو. استاد مير محمد ظاهر ڪري ٿو تہ استاد محمد مٺل ۾ تمام وڏي هشمت ۽ رعب تاب هوندو هو هڪ دفعي جڏهن ريڙهي ۾ استاد محمد مٺل وٽ پرائمري پڙهندو هيم (تنهن وقت اسڪول ڪاسائين جي گهرن پرسان هيو ان کان اڳ پرائمري اسڪول ٽاڳڙي ۾ موجوده قبرستان جي ڏکڻ ۾ هيو) هڪ ڏينهن ٽاڳڙي جي پرسان واري ٻنيءَ ۾ جوئر جي جهار هڪلي رهيا هئاسون تہ 4 بجہ ڌارين (تڏهن اسڪول 4 بجہ شام جو بند ٿيندا هيا) استاد محمد مٺل اسڪول کان واپس وانءِ واري رستي سان اچي رهيو هو تہ ابي کي چيم تہ استاد کان منهنجي اجوڪي غير حاضري جي موڪل وٺ پر ترس تہ مان پيهي تان هيٺ لهي وڃان، ابي موڪل منظور ڪرائي پوءِ استاد گهڻو اڳتي ويو تہ پوءِ وڃي پيهي تي وينم تنهن وقت استادن کان وڏو شرم ۽ حياءُ ٿيندو هو. ۽ انهن جي رعب تاب ڪري بہ سندن سامهون اچڻ جي جرئت ئي نہ ٿيندي هئي.

يار محمد (ٽاڳڙو) جيڪو تمام گهڻو زبان دراز Talkative هيو سندس ڳالهہ مان قابليت ۽ سچائي ظاهر ٿيندي هئي سو ٻڌائي ٿو تہ تمام گهڻو ملڪ گهميم ۽ وڏن آفيسرن سان لهہ وچڙ ۾ آيم پر استاد محمد مٺل واحد ماڻهو هيو جنهن جي اڳيان پاڻ کي ڪجهہ نہ سمجهندو هيم ۽ قدرتن انجي مون تي ڌڙڪ چڙهي ويندي هئي.

## انسپيڪٽر

محمد مٺل خان ڪلهوڙو وڏو همدرد انسان هيو. بهترين ۽ اعليٰ پائي جو استاد پڻ هيو. پاڻ 1955ع ڌارين کان وٺي رٽائرمينٽ تائين اٽينڊنس انسپيڪٽر جي عهدي تي فائض رهيا. تنهن دور ۾ اٽينڊنس انسپيڪٽر تعلقي جو آفيسر هوندو هيو ۽ زوري تعليم ۾ تہ مئجسٽريٽ جا اختيار هوندا هين. جيڪو ماڻهو پنهنجو ٻار نہ پڙهائيندو هيو ان تي ڪيس ڪيو ويندو هيو ۽ پڻ ڏنڊ لڳائڻ جو اختيار Authority هوندو هين. سندن تقرري گمبٽ، ڪوٽڏجي ۽ ميرواهہ تعلقن ۾ اڪثر رهين. پاڻ مڪمل ايمانداري Strict Honest آفيسر طور سڃاتا ويندا هيا. پاڻ سٺا انتظامي عملدار Administrator هيا. سندن کي هڪ سرڪاري اٺ Camel جت Driver سوڌو مليل هيو. پاڻ جڏهن بہ اسڪولن جو معائنو Visit

ڪندا هيا تہ اسڪول ڪان ڪجھ پرپرو اٺ ڪي بيهاري پنڌ ويندا هيا تہ جيئن پڙهڻ پڙهائڻ واري عمل ڪي صحيح نموني چيڪ Check ڪري سگهجي. انهيءَ سختيءَ جي ڪري ڪائنس استاد ڏاڍو لهرائيندا هيا. جنهن جي ڪري پڙهائي ۾ اضافو ايندو هيو. پاڻ عربي، فارسي ۽ سنڌي جي خوشخطي جا ماهر هيا. استاد محمد مٺل خان ڪلهوڙو تعيلم ڪاتي ۾ هڪ وڏو نالو آهي. جنهن ڪي مان اسڪول يا ڪاليج چوان تہ ڪوتاهي ٿي پوندي بلڪ هڪ جامع يا يونيورسٽي چوان تہ شايد حق ادا ٿي پوي. پاڻ هزارين بهترين ختابي پيدا ڪيائون، جيڪي اڳتي هلي خان ثابت ٿيا ۽ پاڻ ادارا Campus بڻجي ويا.

بهادري

محمد مٺل ڪلهوڙو وڏو جريع ۽ بهادر انسان هيو. هڪ دفعي جي ڳالھ ڪن ٿا تہ پاڻ ڪنهن سفر تان واپسي تي، قاضي احمد شهر جي پرسان قومي شاهراھ تان اچي رهيا هيا تہ بسBus تي ڦورن Robbers قبضو ڪري هلندي بس مان ڦر ڪري رهيا هيا تہ ڦورن هڪ مائي ڪان زبردستي پاتل سون لهرايو. جنهن تي مائي بس ۾ سوار سيني مردن ڪي مدد جي اپيل ڪئي، مائيءَ جي اپيل تہ نہ هئي پر موت جي منهن چڙهڻو هيو. اهڙي ڏکئي وقت ۾ پنهنجي جان جي پرواھ نہ ڪري، موت ڪي سامهون رکندي، ڪنهن عام ماڻهوءَ ڪي مجال نہ هئي جو ڪا ٻڙڪ ڪڇي. مسافرن جون دليون هلن پيون، ٽنگون ڏڪن پيون، دماغ ڪم ڪرڻ ڪان انڪار ڪري چڪو هيو. واحد، محمد مٺل خان ڪلهوڙو مانجهي مرد هيو. شينهن جيڏي دل رکندو هيو. موت جي پرواھ نہ ڪندي، سيٽ ڇڏي وچي ان ڦورو ڪي ٻڪ هنيائين ۽ چيائين تہ بي شرم، بزدل، تون عورت  ڪان ڦري رهيو آهين، هينئر شرافت سان عورت جو ڦريل سون واپس ڪر نہ تہ توڪي نہ ڇڏيندم، ايتري ۾ ٻيا ڦورو سندس گهيرو ڪري ويا ۽ مقابلو شروع ٿي ويو. هي ڪنهن فلم جو ڊائيلاگ يا سين نہ هيو بلڪ حقيقي مقابلو هيو. هيڏانهن هڪ نوجوان ۽ هوڏانهن بہ چار ڦورو بي ايمان. جوان جيڪا جنگ جوٽي هئي تنهن ڪان بنان نتيجي ڪيئن ٿو ڇڏي، سو ڏڪن، مڪن ۽ ڇرن جا گهاو ڪائيندو رهيو پر هٿ نہ ڪڍيائين نيٺ ڦورن بس بيهاري سندس ڪي سخت زخمي ڪري سون سان گڏ ٻيو بہ ڦريل سامان ڇڏي ڀڄي ويا. پوءِ هي جوڌو جوان زخمي حالت ۾ بيهوش پيو رهيو نيٺ پوليس ڪڻي اچي اسپتال پيڙو ڪيس. هي هيو محمد مٺل خان جنهن علائقو يا ڳوٺ، سجاتل يا ساٿي نہ ڏسي ڪري بہ هڪ اڻ ڄاتل عورت جي مدد لاءِ سندرو ساهيو.

پاڻ هميشہ ٻين لاءِ ڪم ڪيائون نڪا ڌن دولت ٺاهيائون نڪي مال ملڪيت وڏايائون بس اهائي ملڪيت هين جيڪي وڏن ڪان ورثي ۾ مليل هين.

**همدردي**

**منهنجي مداين جي ڪل پريان پئي،**
**ڪڏهن ڪوسا، نہ ٿيا ڏوراپو ڏئي،**
**ساجن! سيئي ڏيکيم ڏول ڏولائون.**

**استاد مير محمد پنهور ٻڌائي ٿو تہ مان ۽ گل محمد ( جڏهن استاد هياسون) استاد محمد مٺل وڏي عزت ڏيندو هيو ۽ اسين ڪيس ڏاڍا پيارا هياسين، ڪڏهن تہ چاپر اڪثر ائين ٿيندو هو جو استاد پنهنجي گاڏي (وليز جيپ) موڪلي اوطاق تي ڪٺائي ايندو هو ۽ پوءِ اسان ۾ اها جرئت نہ هوندي هئي جو ڪيس پڇئون تہ اسين ڇو گهرايا ويا آهيون، پوءِ ماني گڏ کارائيندو هيو ۽ شام جو اجازت ڏيندو هو جنهن مان اسان محسوس ڪيو سين تہ جڏهن بہ استاد سائين شهر مان گوشت، مرغي، مڇي يا ڪو چڱو چوکو آڻيندو هو تہ اسان کي گهرائي وٺندو هو.**

**محمد مٺل خان ڪلهوڙو غريبن، يتيمن، بيواهن، مسڪينن ۽ مظلومن جو هڏ ڏوکي هيو، جيڪڏهن ڪو اڙيل منجهيل ايندو هين تہ آڏي مانجهي کي ڪونہ ڏسندا هيا، انهيءَ وقت گاڏي ڪڍي انجي ڪم سان لڳندا هيا.**

**اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڄڻ جون،**
**انئي پهر اٺن، سعيو ڪنهن سفر جو.**

**استاد مير محمد پنهور ٻڌائي ٿو تہ هڪ ڀيري مان ۽ گل محمد عيد جي ڏينهن نماز کان بعد استاد محمد مٺل وٽ اچي عرض ڪيو سين تہ S.P لاڙڪاڻو محمد پنجيل جوٽيجو ۾ ڪم آهي، اسان سان گڏجي هلي مدد ڪريو، پوءِ استاد تهڙي وقت اختر حسين کي چيو تہ گاڏي تيار ڪر هلڻو آهي. پوءِ اسين ڀريان مهتاڻي ميان فيض محمد عباسي وٽ هليا سون، اتان ٿي گمبٽ آياسون، سوني (ڪاڪو فيض محمد سروهي) کي ساڻ ڪري لاڙڪاڻي ابراهيم فقير (المعروف امن فقير) وٽ پهتاسون پوءِ وچي S.P پنجل خان (جيڪو علائقي وارن جو وڏو خيال ڪندو هو) سان ملياسون، حال احوالي ٿياسون، تنهن چيو تہ توهان جي خلاف ڀٽو صاحب (ذوالفقار علي ڀٽو وزير اعظم پاڪستان ) سان ملڻ لاءِ اڳ ۾ ئي ان ماڻهو (مخالف) کي ٽائيمAppointment وٺي ڏني آهي. هينئر استاد محمد مٺل توهان آيا آهيو، اوهان جي مون وٽ عزت آهي، سو هينئن ٿا ڪيون تہ مان ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ان ماڻهوءَ (استاد مير محمد جي مخالف کي) ٽرڪيان ٿو توهان خاطري ڪيو، پوءِ اسين خير خيريت سان واپسي ڪئي سين. (راقم جڏهن استاد مير صاحب کان مخالف جي نالي ۽ مسئلي بابت معلوم ڪيو تہ سائين ٻڌائڻ کان لهرايو پر زور ڀرڻ تي، ان شرط تي ٻڌايائون تہ ان کي مخفي رکيو ويندو.) هن سڄي قصي ٻڌڻ کانپوءِ استاد مير صاحب ٿڌو ساهہ کڻي چيو تہ بس ادا! استاد محمد مٺل ڪاشيءِ هيو اهڙا همدرد ماڻهو ڪي هوندا آهن.**

استاد امان الله سومرو ٻڌائي ٿو:

**استاد امان الله سومرو (ريڙي) هينئن ٿورا ڳائي ٿو تہ ننڍو هيم بابا وڏي (حافظ علي بخش) سان گڏجي حافظ ابراهيم منگي (ريڙي) جي اوطاق تي ويم، اتي استاد جان محمد قريشي جنهن جي ڪري دعوت ڏني هئي(جيڪو استاد محمد مٺل جو پڻ استاد هيو) ۽ استاد محمد مٺل موجود هيا تہ استاد جان محمد بابي وڏي کان پڇيو تہ هي توهان جو ڇوڪرو ڇا ۾ پڙهندو آهي، بابا وڏي جواب ڏنس تہ هن سنڌي تعليم پوري**

ڪئي آهي هاڻي مٿي ڪونہ ٿا پڙهايونس، بس قرآن مجيد پڙهندو آهي، تنهن تي استاد جان محمد زور ڀريس تہ هن کي اعليٰ تعليم ڏيار، پوءِ جڏهن گهر ڀُھتاسين تہ ڪروڙ ڪيم تہ انگريزي English پڙهندم، گهر ۾ سگهي لڏو هيم سو اچي ٿانو ٿپا پيچڻ شروع ڪيم، ايتري ٿائين جو گهر وارا تنگ ٿي پيا ۽ ابي کي چيائون تہ هن کي هتان ڪڍ ۽ وچي پڙهائينس ڪٿي. تنهن تي بابا وڏي استاد محمد مٺل ڏي نياپو ڪيو جو استاد سائين اچي حاضر ٿيو. بابا وڏي چيس تہ هن کي سياڻي وٺي وڃي ڪٿي داخل ڪرائي اچيس. ٻئي ڏينهن تي استاد سائين صبح جو سوير اچي مونکي ساڻ ڪنيو پوءِ ٽانگي تي سوار ٿي راڻي پور پهتا سون اتان بس تي چڙهي ڪوٽڏجي وڃي پهتاسون. پوءِ استاد سائين مونکي اسڪول ۾ داخل ڪرائي واپس وريو. اهو منهنجي انگريزي تعليم جو پهريون ڏينهن هيو. استاد امان الله صاحب ٻڌايو تہ دليري جيئڻ استاد محمد مٺل ۾ هئي ائين ٻئي ڪنهن ۾ ڪانہ ڏٺم، استاد سائين هڪ وڏو با اصول ماڻهو هيو. استاد امان الله صاحب وڌيڪ ٻڌايو تہ تنهن وقت ٽاڳڙي جي اولهہ ۾ وڏيري سلطان جي، ڪوهہ تي اوطاق هوندي هئي ۽ اتي بورڊنگ Boarding پڻ هوندي هئي جتي ٻاهريان ختابي رهندا هيا، انهن کي رهائش سان گڏوگڏ استاد محمد مٺل مفت ماني کارائيندو هو.

اها ڳالهہ 1940ع واري شروعاتي ڏهاڪي جي آهي، تنهن وقت ٽاڳڙي جي اولهہ ۾ جهنگ مان اچڻو پوندو هو، تنهن دؤر ۾ بدامني جي بوءِ بہ نہ هوندي هئي، اهي ڏينهن ڏاڍا ڀلا هوندا هئا، مايون توڙي مرد صبح جو سويل اٿندا هئا، مرد هرن تي ويندا هئا ۽ مايون اَنُ جنڊن تي پيهنديون هيون، عام ماڻهو پيدل سائيڪل Bicycle کي لوهو گهوڙو چوندا هيا، ريڊيو Radio ٽي .وي TV ڊش انٽينا Dish Antenna يا ڪمپيوٽر ڪونہ هيا صرف چند ماڻهن کي "فونا" هوندا هيا جنهن تان هو ڪلام ٻڌندا هيا، ماڻهو نيت جا صاف هوندا هيا، جيڪا ڳالهہ دل ۾ هوندي هين سا ئي زبان تي آڻيندا هيا، جيڪڏهن ڪو ماڻهو پار (لاڙڪاڻو وغيره) قتل ٿيندو هو تہ ڪجهہ ڏينهن هتي ننڊ نہ ايندي هئي ۽ ماڻهو اچرج وچان هڪٻئي کي ٻڌائيندا هيا.

مِيان فيض محمد عباسي ٻڌائي ٿو :

مِيان فيض محمد عباسي (مهتاڻا) جڏهن بيماري جي حالت ۾ اسپتال کان شفٽ ٿي سيد شوڪت علي شاهہ (سيد نظر شاهہ نواب شاهہ واري جو پٽ) جي بنگلي تي هيو تڏهن مورخہ 8 اپريل 2001ع تي ادا منظور ۽ راقم سندس کان طبيعت پرسي ڪرڻ وياسون، اتي ڳالهيون ڪندي ميان صاحب اهو چئي ڏنو تہ واهہ ڙي محمد مٺل! اهڙا سچا ۽ سڌا ماڻهو ڪٿي آهن، محمد مٺل جهڙا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن. الله تعاليٰ توهان کي خوش رکي، محمد مٺل وڏو دلير ۽ جوان مرد هيو.

### شاعري

سندس شاعري سان پڻ لڳاءُ هوندو هين، پاڻ شعر پڻ ناهيندا هيا. شاعري جي مجموعي مان في الحال هي شعر ملي سگهيو جيڪو ڏاڍو مشهور آهي،

توٽي هلين تڪڙو توٽي هلين رڙي،
گهٽ ڪانہ گهڙي مٺل ان منت مان

رٽائرمينٽ

محمد مٺل خان ڪلهوڙو 51 سال عمر ٿيڻ تي 1972ع ڌارين تعيلم کاتي کي خدا حافظ چئي نوڪري جا سترهن (17) سال اٽينڊنس انسپيڪٽر جي سيٽ تي رهي رٽائرمينٽ ورتائون.

خادم القوم ڪلهوڙا

محمد مٺل خان ڪلهوڙو اوڙي پاڙي وارن کان علاوه ڪلهوڙا ذات لاءِ به تمام گهڻو جاکوڙيو 1982ع ۾ حاجي منور علي عباسي کي عباسي ڪلهوڙا قوم جو پڳدار بڻائڻ ۾ پڻ وڏو ڪردار ادا ڪيائون. گهر گهر وڃي ماڻهن کي مطمئن ڪيائون ته هي اسان جي خوش نصيبي آهي ته هڪ نيڪ نمازي، شريف ۽ خاندان ماڻهو اسانجي پڳدار ٿيڻ لاءِ راضي ٿيو آهي. پاڻ ڪلهوڙا قبيلي جو خادم سڏائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا هيا. پوري سنڌ ۾ ڪلهوڙا برادريءَ جا ڀانهن ٻيلي ٿيندا هيا.

دوستيءَ جو دائرو

(پاڙي اوڙي ۽ ذات جا خاص واسطيدار ماڻهو)

سنگت صحبت ياري محبت
هر ڪنهن ساڻ هجي
دل جو دفتر غم ۽ گوندر
ڪنهن ڪنهن ساڻ سلجي

اوڙي پاڙي وارا:

پير شاه مردان شاهه (پيرپاڳارو)، استاد جان محمد قريشي، دين محمد شيخ، فاضل حج، سردار ميان همت علي اڄڻ (کهڙا) استاد صاحب ڏنو سومرو ۽ استاد ارباب علي سومرو (نورو جو ڳوٺ) حافظ محمد عالم مهيسر ۽ سندس پٽ، استاد محمد صادق مهيسر ( رفيق مهيسر) سرائي محمد موسيٰ ۽ سندس پٽ عبدالستار ڏيسي (مڏ)، استاد قربان علي سولنگي (ملهيراڻي سولنگي) الهيار ماڇي ۽ سندس پٽ محمد رمضان سولنگي ( ابوبڪر ماڇي) فتح علي خان سهتو (لڳ هنگورجا) استاد الهداد ڀٽو (سمي) استاد ڏٺي بخش ميمڻ (رضل ميمڻ) استاد محمد معروف هنجراهه (ميرڪ) حافظ محمد ابراهيم منگي، حافظ علي بخش سومرو، استاد گل محمد پنهور، استاد مير محمد پنهور، خير محمد پنهور المعروف ڊاڪٽر محرم علي (رپڙي) ڪاڪو فيض محمد ۽ نور محمد سروهي، استاد الاهي بخش سومرو، وڏير علي بخش سروهي ثاني (علي بخش سروهي) پير سيد محمد شاهه Senator (گمبٽ)، استاد غلام اصغر وندبيئر، پير سيد اڏل شاهه

۽ پير عبدالقادر شاھ جيلاني M.N.A (راڻي پور) سيد بچل شاھ (ڊرب ميھر شاھ) سيد امام علي شاھ (نوراجا) وڏيرو محمد آچر پنھور ۽ غلام قادر پنھور (ڪنڊڙي) واحد بخش جاگيراڻي (گل محمد جاگيراڻي) استاد ڪريم بخش ميمڻ، استاد حسين بخش مري، يار محمد مري، سيد سچل شاھ، منشي الھداد پنھور، سيٺ امام بخش مري، استاد پير بخش مري، سيٺ مينھون پنھور (ٽاڳڙو) جام ثناءُالله مھيسر (رفيق مھيسر) محمد ملوڪ شر M.P.A شرف الدين راڄپر ۽ امام بخش بگھڙ (فيض گنج) استاد ڪرم علي شاھ، فيض محمد شاھ، عرض محمد شاھ ۽ ثابت علي شاھ (سائدي) استاد اڏل شر (لڳ احمد پور) نبي بخش شاھ ۽ مبارڪ شاھ (ھادل شاھ) استاد مريد حسين ملاح ۽ امير بخش منگي (صدر جي پٽيون) محمد عثمان کھڙو (قلو) وغيره.

ذات وارا:

پڳدار حاجي منور علي خان عباسي (لاڙڪاڻو) ميان فيض محمد عباسي (مھتاڻي) ميان اعجاز علي عباسي ( ميان جان محمد عباسي) شاھ بخش عباسي ۽ الله بخش عباسي ( ڪوٽڏجي) محمد عيسيٰ خان، حاجي شبير ۽ حاجي باقر ڪلھوڙو (ٽمنھون) وڏيرو نبي بخش ڪلھوڙو (لڳ راڻيپور) علي شير ڪلھوڙو، استاد عبدالله ڪلھوڙو، شاھ بخش ڪلھوڙو ۽ سندس پٽ استاد لال بخش ڪلھوڙو، منظور حسين ڪلھوڙو (گلوسيال) وڏيرو محمد بخش . محمد چٽل ڪلھوڙو (صادق ڪلھوڙو ) وڏيرو متل ڪلھوڙو (دڙو) استاد محمد عظيم ڪلھوڙو (پنجل ڪلھوڙو ) وڏيرو محمد صيفل ڪلھوڙو، حاجي عبدالمجيد ڪلھوڙو، ملان مور (گولو واھڻ) نواب خان، تپيدار محمد ڪامل، محمد ھاشم واحد بخش، استاد الاھي بخش ڪلھوڙو ( محمد موسيٰ ڪلھوڙو) سھراب خان، غلام قادر خان، رحمت الله خان، مير محمد خان محمد مٺل ڪلھوڙو، استاد قلندر بخش ۽ محمد شريف عباسي (وڏ پڳيا) سردار حاجي خان ڪلھوڙو (شڪارپور)، محمد عالم ڪلھوڙو (پنو عاقل) ۽ محمد ملوڪ عباسي سگھڙ (لاڙڪاڻو) استاد عبدالسميع عباسي (سوپو ديرو) حاجي امام بخش ۽ سندس پٽ نواب خان ڪلھوڙو (مالڪ ڪيٽي ڪلھوڙو، ڪنڊيارو) عطا محمد ڪلھوڙو (سيدو باغ) رئيس عبدالرحيم ڪلھوڙو (ڪلھوڙا اسٽيشن، نوشھرو فيروز) ۽ سندس ڀاءُ حاجي عبداللطيف عباسي ( بچيري لڳ نواب شاھ). وڏيرو محمد صديق ڪلھوڙو، محمد آچر ڪلھوڙو ۽ محمد عرس ڪلھوڙو (جاڙا ڪوھ). وغيره وغيره

سياست (Politics)

محمد مٺل خان ڪلھوڙو 1978ع ڌارين سياست کي عبادت سمجھي حصو ورتائون 1979ع واري بلدياتي اليڪشن ۾ شاھ محمد کھڙي کي ھارائي ضلعي ڪائونسل خيرپور ۾ آزاد ميمبر جي حيثيت ۾ اليڪشن کٽي آيا ۽ تعلقہ ڪائونسل جا ميمبر پڻ رهيا. سندن انتخابي نشان گھوڙو Horse ھيو. پاڻ

پنج سال ميمبر جي حيثيت سان وڏي جدوجهد ڪيائون. آڏي مانجهي کي نہ ڏنائون ماڻهن جي دل کولي مدد ڪيائون 1983ع واري اليڪشن ۾ شڪست کي منهن ڏنائون. انکانپوءِ سياست سان وابستگي ضرور رکيائون پر اليڪشن ۾ بيهڻ گوارا نہ ڪيائون. سندن سياسي واسطو پير صاحب پاڳاري سان هين.

ڪنهن هيري ۽ لال جي ڪي سالڪ لهنداسار
جيڪي لوهہ ڪٽن لوهار، تن کي ڪهڙو قدر سون جو

سواري

1955 کان 1972 تائين اٽينڊنس انسپيڪٽر جي دؤر ۾ سرڪاري اٺ Government Camel هوندو هين

1950 سرڪاري اٺ سان گڏ پنهنجي ذاتي گهوڙي پڻ هين جيڪا مارئيءَ جي نالي سان مشهور ٿي، (مارئي گهوڙي عبدالغفور جتوئي پير شير لاڙڪاڻي واري کان ٽي هزار 3000 رپين ۾ ورتي هيائون. )

1960 کان 1972ع ڏارين ويلز جيپ پڻ هوندي هين.

1972_03_07 کان 1978تائين وليز جيپ نمبر SK_2154 ماڊل 52 (ڏاڏي سلطان علي خان، حاجي عطا محمد لنڊ سينار کان چار هزار رپين ۾ ورتي)

1978_6_15 کان 1987وليز جيپ نمبر 2314ماڊل 52
(نبي بخش ميمڻ کان سورنهن هزار 16000 هزار روپين ۾ ورتي)

1979کان 1987مزدا ڪار 1300

1383 سوزوڪي جيپ (زيرو ميٽر )

1987 کان سوزوڪي جيپ (چيمبر)

رحلت

ڪلهوڙا ذات جو هي ڪنڌار، پاڙي اوڙي جي چپر چانوءَ، غريبن جو هڏڏوکي، سادهہ مزاج 20 September1990 تي تقريبن سوا يارنهن وڳي ڏينهن جو هن فاني جهان کي خدا حافظ چئي حقيقي مالڪ ڏانهن روانو ٿيندي هن دنيا مان برقعو مٽائي ويو. سندس آخري آرام گاهہ شيخ طيب قبرستان ۾ والد جي پرسان اولهہ ۾، ٻرب ميهر شاهہ لڳ آهي.

انا لله و انا اليہ الراجعون.

الله تعاليٰ کيس جنت الفردوس عطا فرمائي آمين!



OFFICE OF THE DISTRICT COUNCIL KHAIRPUR.

No. KI/255/1983.
Dated 2.4.1983.

The meeting of Education Comittee for Award of Poverty Cum-merit scholarships to the students for the year, 1982-83 has been called on 5-4-1983 at 11-00 A.M. in the District Council Hall, Khairpur.

Following members of the Education Comittee appointed for the purpose are requested to attened the meeting.

1) Mr. [illegible] — Convenier.
2) Mr. Shoukat Ali Bhambhro. — Member.
3) Mr. Mir Mohd Abbasi. — Member.
4) Mr. Mohd Mithal Abbasi. — Member.
5) Mr. Mohd Amin Arain. — Member.
6) District Education Officer, Khairpur. — Member.

CHAIRMAN,
DISTRICT EDUCATION COMITTE
KHAIRPUR.

1983ع: استاد محمد مٺل ڪلهوڙو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر جي حيثيت ۾،
ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن ڪاميٽيءَ جا ميمبر رهيا